# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريہ 2015

# SINDH ORDINANCE NO.I OF 2015

# سنڌ عارضي رهائشين جي معلومات آرڊيننس، 2015

# THE SINDH INFORMATION OF TEMPORARY RESIDENTS ORDINANCE, 2015

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات

Short title, extent and commencement

2. وصفون

Definitions

3. پوليس کي معلومات

Information to police

4. شاگردن ۽ عملي کانسواءِ مهمان

Guests other than students and staff

5. ڪرائيدارن ۽ مهمانن جي سڃاڻپ

Identification of tenants and guests

6. معلومات جو استعمال

Use of information

7. جاچ پڙتال ۽ انٽرويوز

Inspection and interviews

8. فائر آرمز۽ ڌماڪيدار مادو

Firearms and explosives

9. ٽائيم لائنز جي تبديلي

Change of timelines

10. پوليس سان سهڪار

Assistance to police

11. ڏنڊ

Penalties

12. ازالو۽ سمري ٽرائل

Cognizance and summary trial

13. ٻين قانونن سان اضافي

In addition to other laws

14. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

15. اوور رائيڊنگ افيڪٽ

Over riding effect

# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريہ 2015

# SINDH ORDINANCE NO.I OF 2015

# سنڌ عارضي رهائشين جي معلومات آرڊيننس، 2015

# THE SINDH INFORMATION OF TEMPORARY RESIDENTS ORDINANCE, 2015

[16 مارچ 2015]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ ڪرائيدارن ۽ عارضي رهائشين ڪانسواءِ معلومات جي ونڊڻ کي يقيني بڻايو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ڪرائيدارن ۽ عارضي رهائشين ڪانسواءِ معلومات حاصل ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛ تہ جيئن دهشتگردي ۽ ٻين ڏوهن کي موثر نموني منهن ڏيڻ لاءِ اهڙن ماڻهن جي ڊيٽا بيس جوڙي سگهي، جيئن اهڙي معلومات مخصوص ڏوهن جي جاچ ۽ پروسيڪيوشن لاءِ استعمال ڪري سگهي؛ ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن کي منهن ڏئي سگهجي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

1.(1)هن آرڊيننس کي سنڌ عارضي رهائشين جي معلومات آرڊيننس، 2015 سڏيو ويندو.
(2)ان جي پوري صوبي سنڌ تائين توثيق ڪئي ويندي.
(3)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات
Short title, extent and commencement

2.هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

وصفون
Definitions

(a)"ڪوڊ" مطلب ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 (1898 جو V)؛
(b)"حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛
(c)"مهمان" مطلب اهو شخص جنهن جي قبضي ۾ يا رهائش هيٺ يا هوٽل يا هاسٽل تي ترسڻ يا رهائش هجي سواءِ هوٽل يا هاسٽل جي ملازم جي؛
(d)"هاسٽل" مطلب هڪ احاطو جتي رهائش ڪرائي تي يا ڪنهن ٻئي معاوضي عيوض ڏني ويندي هجي پر ان ۾ شامل نہ آهن ڪرائي تي ڏنل احاطا يا هوٽل يا هاسٽل جيڪا مڪمل طور تي ڪنهن تنظيم يا اداري طرفان سنڀالي يا ضابطي هيٺ هجي ۽ جيڪا مڪمل طور تي انرول ٿيل شاگردن يا اهڙي تنظيم يا اداري جي عملي جي رهائش لاءِ استعمال ٿيندي هجي؛
(e)"هوٽل" مطلب احاطو جيڪو رهائش يا ترسڻ يا معاوضي عيوض مهمانن کي ترسڻ لاءِ ڏنو ويندو هجي يا ٻي صورت ۾ ۽ جنهن ۾ شامل آهن مهمان خانا، ريزورٽ، تفريح گاهہ، موٽل، ان يا سرائي پر ان ۾ شامل نہ آهن پاڙي تي ڏنل احاطا يا هاسٽل؛

(f)"مڪان مالڪ" مطلب رهائش لاءِ ڏنل احاطي جو مالڪ يا ڪمرشل مقصد يا جيڪو عارضي رهائش جي مقصد لاءِ استعمال ٿئي ۽ جنهن ۾ شامل آهي ليسر يا اهو شخص جيڪو ڪرايو، ليز رقم، چارجز يا پيو ڪو معاوضو حاصل ڪرڻ لاءِ بااختيار بڻايو ويو هجي؛

(g)"مئنيجر" مطلب اهو شخص جيڪو مالڪ يا مالڪ مڪان طرفان هوٽل يا هاسٽل جي سار سنڀال لاءِ ملازمت تي رکيو ويو هجي يا بااختيار بڻايو ويو هجي؛

(h)"پوليس" مطلب سنڌ ۾ رائج پوليس ايڪٽ تحت جوڙيل پوليس؛

(i)"پراپرٽي ڊيلر" مطلب پراپرٽي ڊيلر جيڪو پاڙي تي ڏنل احاطن يا معاوضي لاءِ هاسٽلز ۾ ڊيل ڪندو هجي؛

(j)"بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(k)"پاڙي تي ڏنل احاطا" مطلب عمارت يا عمارت جو حصو جيڪو رهائشي يا ڪمرشل مقصد لاءِ ڏنو ويو هجي يا جيڪو عارضي طور رهائش جي مقصد لاءِ استعمال ٿيندو هجي پر جنهن ۾ شامل نہ آهي هوٽل يا هاسٽل؛

(l)"قاعدا" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدا؛ ۽

(m)"ڪرائيدار" مطلب پاڙي تي ڏنل سمورن احاطن جا رهائشي ۽ جنهن ۾ شامل آهن ليزي يا سب ٽيننٽ.

پوليس کي معلومات
Information to police

3.(1)ذيلي دفعہ (3) موجب پراپرٽي ڊيلر، مالڪ مڪان يا ڪرائيدار، ڪرائي تي ڏنل احاطي جو قبضو ڪرائيدار کي حوالي ڪرڻ جي انيتاليهہ ڪلاڪن اندر بيان ڪيل طريقي موجب ڪرائيدار جي معلومات پوليس کي تکڙن بنيادن تي فراهم ڪندو.

(2)مالڪ يا مئنيجر، مهمان اچڻ يا داخل ٿيڻ جي ٽن ڪلاڪن اندر بيان ڪيل طريقي موجب تڪڙي مواصلاتي رستي پوليس کي فراهم ڪندو.

(3)جيڪڏهن ذيلي دفعہ (1) يا ذيلي دفعہ (2) ۾ ڄاڻايل ماڻهن مان ڪو هڪ گهربل معلومات فراهم ڪري ٿو تہ ٻيا ذميدار ماڻهو پوليس کي معلومات فراهم ڪرڻ جا ذميدار نہ هوندا.

**شاگردن ۽ عملي کانسواءِ مهمان**
**Guests other than students and staff**

4.(1)ڪو ماڻهو جيڪو شاگرد يا ڪنهن تنظيم يا اداري جو عملو نہ هجي، تنظيم يا اداري جي مڪمل سنڀال هيٺ يا ضابطي هيٺ هاسٽل ۾ مئنيجر جي لکت اڳواٽ اجازت کانسواءِ نہ ترسندو.

(2)مئنيجر جيئن ئي ذيلي دفعہ (1) ۾ ڄاڻايل ماڻهن جي ترسڻ بابت معلومات حاصل ڪري ٿو ان جي ٽن ڪلاڪن اندر جديد مواصلاتي ذريعي ڄاڻايل طريقي موجب ان ماڻهو جا تفصيل پوليس کي فراهم ڪندو.

**ڪرائيدارن ۽ مهمانن جي سڃاڻپ**
**Identification of tenants and guests**

5.(1)مالڪ مڪان، مئنيجر يا پراپرٽي ڊيلر ڪنهن ڪرائيدار يا مهمان کي ڪرائي تي ڏنل احاطي، هاسٽل يا هوٽل ۾ ترسڻ جي تيستائين اجازت نہ ڏيندا جيستائين ڪرائيدار يا مهمان جي ڪمپيوٽرائزڊ سڃاڻپ ڪارڊ يا اهڙي ڪرائيدار يا مهمان جي پاسپورٽ ذريعي سڃاڻپ تي مطمئن نہ ٿا ٿين.

(2)مڪان مالڪ، مئنيجر يا پراپرٽي ڊيلر ڪرائيدار يا مهمان جي ڪمپيوٽرائزڊ قومي سڃاڻپ ڪارڊ يا پاسپورٽ جي نقل حاصل ڪندا ۽ جيترو جلدي ٿي سگهي اهڙي نقل پوليس کي فراهم ڪندا.

**معلومات جو استعمال**
**Use of**

6.(1)پوليس سمورن ڪرائيدارن ۽ مهمانن جي بيان ڪيل طريقي موجب درجابندي ذريعي ڊيٽا بيس جوڙيندي.

(2)پوليس ڏوهن کان بچاءَ، پتو لڳائڻ ۽ جاچ پڙتال لاءِ ڊيٽا کي

information

استعمال ڪندي.

(3)هن آرڊيننس ذريعي حاصل ڪيل معلومات دهشتگردي جي واقعن کان بچاءَ، پتو لڳائڻ جاچ پڙتال ۽ پروسيڪيوشن ۽ پاڪستان پينل ڪوڊ، 1860 (1860 جي XLV) تحت ڏوهن کان سواءِ ٻئي ڪنهن مقصد لاءِ استعمال نہ ڪئي ويندي.

جاچ پڙتال ۽ انٽرويوز
Inspection and interviews

7.(1)پوليس عملدار جيڪو سب انسپيڪٽر جي عهدي کان گهٽ نہ هوندو، هڪ موزون نوٽيس تحت ۽ هن آرڊيننس جي مقصدن لاءِ:

(a)ياڙي تي ڏنل احاطي، هاسٽل يا هوٽل جي جاچ پڙتال ڪندو، ۽

(b)لاڳاپيل دستاويزن ۽ ماڻهن بشمول مالڪ مڪان، ڪرائيدار، مئنيجر، مهمان يا پراپرٽي ڊيلر ذريعي ضروري معلومات حاصل ڪندو.

(2)پوليس موقعي واري هنڌ جاچ پڙتال ۽ مقامي تصديق ذريعي هن آرڊيننس تي عملدرآمد کي يقيني بڻائيندي.

فائر آرمز ۽ ڌماڪيدار مادو
Firearms and explosives

8.(1)مڪان مالڪ، مئنيجر ۽ پراپرٽي ڊيلر اهو يقيني بنائيندا تہ مهمان ڪو هٿيار يا ڪو ڌماڪيدار مادو سواءِ لائسنس واري هٿيار جي نہ کڻي اچي رهيو آهي يا قبضي ۾ نہ آڻي رهيو آهي.

(2) مالڪ يا هاسٽل يا هوٽل جو مئنيجر ڪنهن مهمان طرفان ڪو لائسنس وارو هٿيار آڻڻ جي داخلا ڪندو ۽ اهڙي معلومات پوليس کي بيان ڪيل طريقي موجب فراهم ڪندو.

ٽائيم لائنز جي تبديلي
Change of timelines

9.حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ماڻهن جي ڪنهن قسم، ڪرائي تي ڏنل احاطن، هاسٽلز يا هوٽلز لاءِ هن آرڊيننس تحت پوليس کي معلومات فراهم ڪرڻ لاءِ مهيا ڪيل ٽائيم لائنز وڌائي سگهي ٿي.

**پوليس سان سهڪار**
**Assistance to police**

10. پوليس عملدار جيڪو پوليس جي ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ جي عهدي کان گهٽ نہ هوندو مالڪي جي معلومات يا احاطي يا هاسٽل جي عنوان بابت معلومات ڪنهن لاڳاپيل دفتر، باڊي يا اٿارٽي کان طلب ڪري سگهي ٿو جيڪا حقن، ٽرانسفر ڊيڊز يا ٻين عنوان وارن دستاويزن جو رڪارڊ رکندي هجي.

**ڏنڊ**
**Penalties**

11. جيڪڏهن ڪو شخص ڄاڻي واڻي دفعہ 3، 4، 5 يا 8 جي گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو يا احاطن تائين پهچ جي اجازت ڏيڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا دفعہ 7 يا دفعہ 10 تحت پوليس کي معلومات فراهم ڪري ٿو اهو قيد جي سزا لائق هوندو جيڪا ڇهہ مهينن تائين وڌي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ جيڪو ڏهہ هزار رپين کان گهٽ نہ هوندو يا پنجيتاليهہ هزار رپين کان وڌيڪ نہ هوندو.

**ازالو ۽ سمري ٽرائل**
**Cognizance and summary trial**

12.(1) هن آرڊيننس تحت ڪو ڏوهہ ازالي لائق ۽ ضمانت نہ ٿيڻ جوڳو هوندو.

(2) جڊيشل مئجسٽريٽ هن آرڊيننس تحت ڏوهہ جي سمري ٽرائلز سان لاڳاپيل ڪوڊ جي باب XXII جي گنجائشن موجب ٻڌڻي ڪندو.

**ٻين قانونن سان اضافي**
**In addition to other laws**

13. هن آرڊيننس جون گنجائشون اضافي هونديون ۽ ڪنهن ٻئي قانون سان ٽڪراءَ ۾ نہ هونديون.

**قاعدا جوڙڻ جو**

14. حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن

| | |
|---|---|
| آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. | اختيار Power to make rules |
| 15.هن آرڊيننس جي گنجائش کي اوور رائيڊنگ افيڪٽ حاصل هوندو جيستائين ڪجهه وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون جي متضاد نه هجي. | اوور رائيڊنگ افيڪٽ Over riding effect |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**